01 آڪٽوبر 2026ع (بمطابق: 18 ربيع الآخر 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اُن مسڪرائڻ واري عادت تي لکين سلام

(رسول اللّٰہ جي مسڪراهٽ ۽ مسڪرائڻ جي فضيلتن ۽ فائدن جي باري ۾ بيان)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- … اصل حسن ڇا آهي..؟
- … سيني کان وڌيڪ مسڪرائيندڙ
- … زياده بشاشَت، زياده پيار
- … مسڪرائڻ جا ڪجھ اهم موقعا

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)
GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033
FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ۙ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۙ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۙ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي پرنور چهرَي تي خوشيءَ جا آثار هئا، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم سبب پڇيو، تہ پاڻ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم! توهان جو جيڪو امتي توهان تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو، مان ان لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گناهہ مٽائي ڇڏيندس، 10 درجا بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت نازل فرمائيندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي درود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مُسْنَد اَحمد، جلد:5، صفحہ:509، حديث:16352۔

2 ...حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [(1)]

اي عاشقانِ رسول! سُٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڇو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سُٺيون سُٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اصل حُسن ڇا آهي...؟

مشهور مُحَدِث حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ پيري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري چاچا جان حضرت عباس بن عبدالمطلب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما سهڻو لباس پهريو، سندن رنگ مبارڪ اڳ ئي گورو هو، ان سهڻي لباس ۾ پاڻ تمام گهڻو خوبصورت لڳي رهيا هئا. ان ئي حالت ۾ پاڻ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پياري چاچا جان کي ڏٺو تہ محبت جي شدت سبب مُرڪي ڏنائون!

حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ عرض ڪيو:

مَا اَضْحَكَكَ يَا رَسُولَ اللّٰهِ ﷺ اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ!

**ترجمو:** يا رسولَ الله! الله پاڪ اوهان کي مُسڪرائيندو رکي، اوهان ڇو مُرڪيا؟

---

1 ...بخاري، كِتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1-

فرمايائون:

اَعۡجَبَنِیۡ جَمَالُكَ يَاعَمَّ النَّبِیِّ

**ترجمو:** اي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا چاچا جان! مون کي اوهان جو حُسن ۽ جمال تمام گهڻو پسند آيو، ان ڪري مُرڪيو آهيان.

حضرت عباس بن عبدالمطلب رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا عرض ڪيو: يا رسولَ الله! مرد جو حقيقي جمال ڇا آهي؟ فرمايائون: اَللِّسَانُ يعني مرد جي حقيقي خوبصورتي سندس زبان آهي.[1]

ہر ادا دِل نشیں بنی تیری
ہر سخن جاں فزا ہوا تیرا

اے چمن بھیک ہے تبسم کی
غنچہ غنچہ کھلا ہوا تیرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب        صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## سِکڻ جون 2 ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جيڪا روايت ٻڌي، ان مان اسان کي 2 ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

### (1)    اَصل حُسْن زبان آهي

پهرين ڳالهه اها سکڻ لاءِ ملي ته اصل حُسن ◈ رنگ روپ ◈ چال ڍال ◈ جسامت (*Body*) ◈ شڪل شباهت (نين نقش) ◈ مال ۽ دولت ◈ مهانگا ڪپڙا ◈ فينسي هئير اسٽائل (*Fancy Hair Style*) ۾ ناهي، پر پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ماڻهوءَ جو اصل حُسن سندس زبان ۾ آهي.

---

1 فضائل الصحابه لابن حنبل، جز:2، صفحه:917، حديث:1755.

ڳالهه بلڪل سچي آهي ۽ اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڳالهه ته غلط ٿِي ئي نه ٿِي سگهي. سچي ڳالهه آهي ته حُسن زبان ۾ هوندو آهي، ماڻهو ڏسڻ ۾ خوبصورت نه به هجي، پر جيڪڏهن سندس زبان مٺي هجي ته ماڻهو ان جا ديوانا ٿي ويندا آهن. ماڻهو پلي ڪيڏو به خوبصورت هجي، پلي ڪيترو به ◈ امير هجي ◈ پئسي وارو هجي ◈مهانگي گاڏي ◈ مهانگا ڪپڙا ◈ فينسي اسٽائل، سڀ ڪجهه هجي، پر جيڪڏهن سندس زبان ڪُوڙي آهي ته ڪنهن کي به ڏنو نه وڻندو آهي، ماڻهو ان کان پري ڀڄندا آهن. ان جي پئسي جي ڪري يا عهدي ۽ منصب جي ڪري جيڪڏهن سندس ويجهو ايندا به آهن ته دل ئي دل ۾ ڪيس بُرو چوندا يا سمجهندا رهندا آهن.

## حضرت لقمان حڪيم ۽ مٺي زبان

حضرت لقمان حڪيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نالو ته اوهان ٻڌو ئي هوندو. پاڻ گذريل اُمتن مان هئا، حبشه جا رهواسي هئا، ظاهري طور سندن رنگ ڪارو ۽ چپ ٿلها هئا، پر الله پاڪ کين مٺي زبان عطا فرمائي هئي. اهڙي مبارڪ زبان جو ان مان حڪمت جا موتي ڪِرندا هئا.[1] الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ سندن نالي سان هڪ پوري سورت نازل فرمائي آهي. سُورة لقمان **21** هين سيپاري ۾ الله پاڪ جو فرمان ٿئي ٿو:

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان لقمان کي حڪمت عطا فرمائي.

(پارو: 21، سُورة لقمان: 12)

ڏسو! ظاهري طور سندن رنگ مبارڪ گورو نه هو، پر سندن زبان مٺي هئي. ماڻهو سندن حڪمت ڀريون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ انهن وٽ گڏ ٿيندا هئا.

---

1 الخطب و المواعظ للہروی، صفحہ:174، رقم:103-104 ملتقطاً ۔

پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حبشہ (يعني سوڊان) وارن مان 3 شخص جنت جا سردار آهن: **(1):** حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **(2):** حضرت بلال حبشي رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **(3):** ۽ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا غلام مِهجع رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ.[1]

سُبۡحٰنَ الله! ڪهڙي نہ شان آهي...!! الله پاڪ جڏهن حڪمت ۽ مني زبان عطا فرمائي تہ ڏسو! ڪهڙو نہ رتبو (مقام) نصيب ٿيو.

## سڀ کان بهترين عضوا

حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مبارڪ زندگيءَ جو ڪجهہ عرصو غلاميءَ ۾ گذريو. هڪ ڀيري سندن دنياوي آقا کين چيو تہ بڪري ذبح ڪري ان جا 2 سڀ کان بهترين حصا ڪٽي اچو. پاڻ بڪري ذبح ڪيائون ۽ ان جي زبان ۽ دل ڪڍي ڪٽي آيا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ آقا ٻيهر چيو: بڪري ذبح ڪري ان جا 2 سڀ کان خراب حصا ڪٽي اچو. حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ٻيهر بڪري ذبح ڪئي ۽ هن ڀيري بہ ان جي زبان ۽ دل ڪٽي حاضر ٿيا. آقا ان جو سبب پڇيو (تہ پهريان بهترين حصا آڻڻ لاءِ چيو، تڏهن بہ اوهان زبان ۽ دل ئي ڪٽي آيا، هاڻي بدترين حصا آڻڻ لاءِ چيو، هاڻي بہ اوهان زبان ۽ دل ئي ڪٽي آيا آهيو، ان جو سبب ڇا آهي؟) ان تي حضرت لقمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: جيڪڏهن زبان ۽ دل صحيح هجن تہ اهي سڀ کان بهترين آهن ۽ جيڪڏهن اهي خراب ٿي وڃن تہ انهن کان وڌيڪ خراب ٻي ڪا بہ شيءِ نہ آهي. **(2)**

| | |
|---|---|
| دِل ہی ڈُبوئے، دِل ہی تِرائے | دِل سا دوست نہ دِل سا دُشمن |

معلوم ٿيو تہ حُسن دل ۽ زبان جو آهي. تنهنڪري شڪل ۽ صورت جيڪا

1 مستدرڪ للحاڪم، جلد:4، صفحہ:329، حديث:
2... الزہد لابن حنبل، صفحہ:76-77، رقم:271۔

الله پاڪ عطا فرمائي آهي، اها بهترين آهي. ◈ اڄڪلهه اسان وٽ نوجوانن کي ڦِٽِي ۽ آئيني کان فرصت ئي نه ٿي ملي، ◈ مرداڻا بيوٽي پارلر ( ***Gents Beauty Parlour***) کُلِي چڪا آهن، ◈هزارين رپيا خرچ ڪري مرد حضرات ميڪ اَپ ڪرائن ٿا، ◈هئير اسٽائل(***Hair Style***) تي هزارين رپيا خرچ ڪيا وڃن ٿا، ◈ باڊِي ٺاهڻ لاءِ جِم (***Gym***)جوائن ڪئي وڃي ٿي ۽ نه ڄاڻ نوجوان حضرات ڇا ڇا ڪن ٿا...!! پر افسوس! زبان، جيڪا انسان جو اصل حُسن آهي، ان تي توجهه نه ٿي ڏني وڃي ◈ فحش گوئي نوجوانن ۾ عام ٿي رهي آهي ◈ گندو ڳالهائن ٿا ◈ گاريون عام رواج بڻجي رهيون آهن، ◈گار ڏيڻ فيشن (***Fashion***) بڻجندو پيو وڃي، ◈ڪجهه نادان جيسيتائين گار نه ڏين، تيسيتائين ڪين چين ئي نه ايندو آهي◈ ايئن ئي اَڙي، اَوئي ڪرڻ ◈ ٽوڪون ڪرڻ ◈ بين جي مذاق اڏائڻ ◈ ڪاوڙ ۾ پُڻ پُڻ ڪرڻ، اجايو سَجايو ڳالهائڻ ◈ سخت لهجا ◈ شوخ انداز ◈ رُڪائِپ ◈ طنز وغيره، اِهو سڀ ڪجهه تمام گهڻو عام ٿي رهيو آهي.

اي عاشقانِ رسول! زبان اصل حُسن آهي، ان تي توجهه ڏيڻ گهرجي. شڪل ته جهڙي آهي، سا ئي آهي ۽ تمام خوبصورت آهي. الله پاڪ هر انسان کي خوبصورت بڻايو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِیْۤ اَحْسَنِ تَقْوِیْمٍ ﴿۴﴾

ترجموآڪنزالعرفان: بيشڪ يقينًا اسان انسان کي سڀ کان سٺي صورت ۾ پيدا ڪيو.

(پارو: 30، سُورة التِين: 4)

تنهنڪري ظاهري شڪل ۾ هر هڪ خوبصورت ئي آهي. پنهنجي زبان ۾ حُسن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو! ◈ منو ڳالهايو! ◈ سنو ڳالهايو! ◈ تهذيب جي دائري ۾ رهو! ◈ ڳالهائڻ وقت توري زبان مان لفظ ادا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۾ به عزت وڌندي ۽ آخرت ۾ به اونچو مقام نصيب ٿيندو.

فالتو باتوں کی عادت دُور ہو جائے حُضور! | ہو زباں پر میری اکثر آپ ہی کا ذِکرِ خیر

## (2) مُسڪرائي ملندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حديث شريف پڙهي، حضرت عباس بن عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ عَنْهُما بهترين لباس پهري، سهڻو ۽ گورو چمڪدار چهرو چمڪائيندي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُسڪرائيندي سندن استقبال فرمايو.

سُبْحٰنَ الله! ڇا ته انداز آهي...! اُها مبارڪ مُرڪ، اُها پياري پياري مُسڪراهٽ ...!! واهه واهه .....!!

سر سے پا تک ہر ادا ہے لاجواب | خُوبرُویوں میں نہیں تیرا جواب
حُسن ہے بے مثل، صُورت لاجواب | میں فِدا تم آپ ہو اپنا جواب[1]

اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِهو مبارڪ انداز مستقل هوندو هو، اچڻ وارن جو مُرڪي استقبال فرمائيندا هئا.

## هميشه مسڪرائيندا هئا

حضرت جرير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا:

مُنْذُ اَسْلَمْتُ وَلَا رَآنِیْ اِلَّا تَبَسَّمَ

**ترجمو:** مان جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان، محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان

---

1 ...ذوقِ نعت، صفحه:88.

صلّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بہ مون ڏانهن ڏٺو آهي، مُرڪي ئي ڏٺو آهي.[1]

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں | اُس تبسّم کی عادت پہ لاکھوں سلام (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هٿ پڪڙي مُرڪي ڏنائون!

تابعي بُزرگ حضرت داؤد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي، فرمائن ٿا تہ مون کي صحابيءِ رسول حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سان ملاقات جو شرف نصيب ٿيو. پاڻ مون کي سلام ڪيائون، پوءِ هٿ ملايائون ۽ مُرڪي ڏنائون! پوءِ فرمايائون: خبر اٿئي مون ائين ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: مان نہ ٿو ڄاڻان، پر ...!!

(هاڻي بزرگن جو صحابہ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي باري ۾ ادب ڏسو!) عرض ڪيائون: اوهان ائين ڇو ڪيو، مان نہ ٿو ڄاڻان، پر (اوهان جيئن تہ صحابي آهيو، تنهنڪري) جيڪو بہ ڪيو آهي، ان ۾ ڀلائي ئي هوندي.

سُبۡحٰنَ اللّٰہ!

ہر صحابیِ نبی! جنّتی! جنّتی!
چار یارانِ نبی! جنّتی! جنّتی!
سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی! (3)

خير! هاڻي ٻڌو تہ حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ائين ڇو ڪيو هو. فرمايائون: مون کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ملاقات جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ صلّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ائين ئي سلام ڪيو، پوءِ منهنجو هٿ پڪڙيائون ۽ مُرڪي ڏنائون. پوءِ فرمايائون: اي براء! خبر اٿئي مون ائين ڇو

1 .بخاري، كتاب الجهاد و السير، باب من لايثبت على الخيل، صفحه:777، حديث:3035۔
2 ...حدائقِ بخشش، صفحه:303۔
3 ...وسائلِ فردوس، صفحه:53۔

ڪيو؟ مون عرض ڪيو: مان نہ ٿو ڄاڻان. فرمايائون: اي براء!

مَا مِنْ مُسْلِمَيْنِ يَلْتَقِيَانِ فَيُسَلِّمُ اَحَدُهُمَا عَلَى صَاحِبِهِ وَيَأْخُذُ بِيَدِهِ، لَا يَأْخُذُهُ اِلَّا لِلّٰهِ، فَيَتَفَرَّقَانِ حَتَّى يُغْفَرَ لَهُمَا

**ترجمو:** 2 مسلمان جڏهن پاڻ ۾ ملن، هڪ ٻئي کي سلام ڪن ۽ هڪٻئي جو هٿ پڪڙين، تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان اڳ الله پاڪ انهن ٻنهي جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان هڪ تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُرڪڻ جو مبارڪ انداز معلوم ٿيو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاقات وقت سلام فرمائيندا، هٿ ملائيندا ۽ مُسڪرائيندا هئا. ٻيو، هڪ ٻي ڳالهہ ڌانهن بہ اوهان جو توجهہ ڏياريان تہ حضرت براء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مبارڪ انداز تي غور ڪريو! هڪ شخص سان ملاقات تي رهي آهي ◈ اجتماع نہ آهي ◈ جمعي جو خطبو نہ آهي ◈ سکڻ سيکارڻ جو حلقو لڳل نہ آهي ◈ درسِ قرآن ◈ درسِ حديث ◈ درسِ سنت نہ ٿي رهيو آهي، فقط ملاقات ٿي آهي، بس ملاقات ڪندي ڪندي، سلام ونندي ونندي پاڻ سامهون واري کي سنت بہ سيکاري ڇڏيائون ۽ حديث شريف بہ ٻڌائي ڇڏيائون.

ڇا ڳالهہ آهي صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جي...!! معلوم ٿيو تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو جذبو رکڻ وارا هئا، انهن جي اندر نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جو جذبو راسخ ٿي چڪو هو، بس جتي بہ هوندا هئا، پنهنجي خوشبوء لٽائيندا رهندا هئا.

1 مسند احمد بن حنبل، مسند الكوفيين، جلد:7، صفحہ:540، حديث:19052۔

## عملي طور بہ سنتون سيکاريندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان بہ اهو انداز اختيار ڪري وٺون، ڪنهن سان ملياسين، ملندي ملندي هڪ سنت ٻڌائي اڳتي وڌي وياسين ◈ دوستن سان چانهہ پيئڻ لاءِ ويناسين، دنيا جهان جون ڳالهيون تي رهيون آهن، ويني ويني 2 سنتون بہ سيکاري ڇڏيون ◈ پراڻي دوست سان ملاقات تي وئي، ملياسين، سندس مهمان نوازي ڪئي سين، ڳڙوڳڙ ڪيس 2 سنتون بہ سيکاري ڇڏيون ◈ بس ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين، چپ ڪري ڇو ويهون؟ پرسان وينل مسافر کي بہ چار سنتون سيکاري ڇڏيون ◈ رِڪشي (*Rickshaw*) ۾ ويناسين، ٻيو ڪو نہ هجي تہ رِڪشا ڊرائيور کي ئي سنتون سيکاري ڇڏيون. بس اسان پنهنجي اِها عادت ٻڻائي ڇڏيون تہ اسان سان جيڪو بہ ملي، سنتن جي خوشبو کڻي ئي وڃي. خالي هٿين نہ وڃڻ گهرجي. الله پاڪ فرمايو:

وَيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ نُوۡرًا تَمۡشُوۡنَ بِهٖ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهو توهان جي لاءِ هڪ اهڙو نور ڪري ڇڏيندو جنهن جي ذريعي توهان هلندؤ..

(پارو: 27، سُورۃ حديد: 28)

هن آيت ۾ نور جي هڪ معنيٰ نُورِ هدايت بہ آهي. (1) يعني الله پاڪ پنهنجن خاص ٻانهن کي اهڙو نور عطا فرمائيندو آهي جو اُهي جيڏانهن بہ ويندا آهن، اُتي هدايت جي روشني ڦهلائي ڇڏيندا آهن.

## ٻلائيءَ جون ڪُنجيُون

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ ماڻهن

1...تفسير بغوى، پاره:27 ، سورۂ حديد، زيرِ آيت:، جلد:1، صفحہ:333 خلاصتًہ

۾ ڪي اهڙا آهن، جيڪي پلائيءَ جون چاٻيون ۽ برائيءَ جا تالا آهن. وڏيڪ فرمايائون: بس خوشخبري آهي ان شخص جي لاءِ، جنهن جي هٿ تي الله پاڪ پلائيءَ جون چاٻيون رکي ڇڏيون آهن. (1)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: اُهو شخص جيڪو پلائيءَ جي چاٻي هوندو آهي، سندس شان هي هوندو آهي ته ◈ان کي ڏسي ماڻهن کي نيڪي ياد ايندي آهي، ◈هُو جتي ويندو آهي، اتي نيڪين جي ڌومَ مچائي ڇڏيندو آهي، ◈ڳالهائيندو آهي ته سندس زبان مان نيڪ ڳالهيون نڪرنديون آهن، ◈سوچيندو آهي ته نيڪيءَ جي ڳالهه سوچيندو آهي، سندس باطن به نيڪيءَ تي هوندو آهي، ايتري قدر جو جيڪو ماڻهو سندس صحبت ۾ ويهندو آهي، اهو به نيڪ بڻجي ويندو آهي. (2)

ڪاش! اسان به اهڙا ئي بڻجي وڃون.

مری عادتیں ہوں بہتر بنوں سُنّتوں کا پیکر
مجھے مُتّقی بنانا مَدَنی مدینے والے
شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں
تری سنّتیں سکھانا مَدَنی مدینے والے (3)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مُسڪرائڻ سُنّت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! صحابيءِ رسول حضرت اَبُو دَرداء رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ جي مبارڪ

1... مسند ابو داود طيالسي، جلد:3، صفحه:556، حديث:2195-
2...فيض القدير، جلد:2، صفحه:528، زيرِ حديث:2465-
3 ...وسائلِ بخشش، صفحه:428-

عادت هئي ته پاڻ هر ڳالهه مُرڪي ئي ڪندا هئا. ڪائنئن ان جي باري ۾ پڇيو ويو ته فرمايائون: مان حُسنِ اخلاق جي پيڪر، محبوبِ ربِ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو ته پاڻ گفتگو جي دوران مُرڪندا رهندا هئا.[1]

جس کی تسکیں سے روتے ہوئے ہنس پڑیں | اس تبسّم کی عادت پہ لاکھوں سلام (2)

**وضاحت:** پيارا آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ظاهري حياتيءَ ۾ ڪنهن غمگين ڏانهن ڏسي مُرڪندا هئا ته ان جي دل باغ و بهار ٿي ويندي هئي. اڄ به جڏهن ڪنهن ڏکايل کي خواب ۾ يا ڪنهن غلام جي قبر ۾ مُسڪرائيندا تشريف ڪٽي ايندا آهن ته انهن جي بيچين دلين کي تسلي ۽ سڪون ملي ويندو آهي. اهڙي چين ڏيڻ وارِي، مُسڪرائڻ جي عادت تي اسان جي طرفان لکين سلام هجن.

## سيني کان وڌيڪ مسڪرائڻ وارا

هڪ روايت ۾ آهي: صحابيءِ رسول رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا:

مَا رَاَيْتُ اَحَدًا اَكْثَرَ تَبَسُّمًا مِنْ رَسُوْلِ اللهِ

**ترجمو:** مون رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ تبسم فرمائڻ وارو ٻيو ڪنهن کي نه ڏٺو.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته مُسڪرائڻ سنت آهي. محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان مُسڪرائيندا هئا. افسوس! اڄڪلهه اسان وٽ مُرڪڻ ۾ به ماڻهو ڪنجوسي کان ڪم وٺندا آهن. هيءَ ڪنجوسي به 2 قسمن جي هوندي آهي (1): هڪ اِها ته ملڻ وقت مُرڪندا ناهن،

1 مسند احمد بن حنبل، جلد:9، صفحه:44، حديث:22359
2 ...حدائقِ بخشش، صفحه:303۔
3 الزہد لابن مبارک، صفحه:47، حديث:145۔

ڪيترا تہ اهڙا هوندا آهن جن جو منهن سُجيل هوندو آهي، سندن مُنهَن تي مُرڪ ايندي ئي ناهي، ڪن کي ڏسي تہ ائين لڳندو آهي جڻ تمام گهڻا غمگين آهن (2):ٻيو جڏهن کلندا آهن تہ پوءِ بلند آواز سان کلندا آهن، وڏا ٽهڪ ڏيندا آهن، ٻئي طريقا سنت جي مطابق نہ آهن. اللہ پاڪ جا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽهڪ نہ ڏيندا هئا.

## کلڻ، مسڪرائڻ ۽ ٽهڪ ۾ فرق

کِلَڻ جا 3 درجا آهن:(1): صرف اوهان جا ڏند ظاهر ٿيا. ان کي تَبَسُّم چئبو آهي، يعني مُسڪرائڻ.

(2): ڏند ظاهر ٿيڻ سان گڏ ايترو آواز نڪتو جيڪو اوهان پاڻ ٻڌي ورتو. ان کي ضِحُڪ چئبو آهي يعني کِلڻ

(3): ايتري آواز سان کليا جو آواز ٻين تائين پهتو، ان کي قَهْقَهَه يعني ٽهڪ چئبو آهي.[1]

رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٽهڪ نہ ڏنو. ڪڏهن ڪڏهن بالخصوص جڏهن ڪا آخرت جي حوالي سان ڳالھ ٿيندي هئي تہ ضِحِڪ فرمائڻ ثابت آهي، يعني ايتري آواز سان کِلڻ جو صرف پنهنجن ڪنن تائين آواز پهچي.[2] ائين بہ ٿيندو هو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي وات مبارڪ تي هٿ رکي ڇڏيندا هئا.[3] ليڪن گهڻو ڪري تبسم ئي فرمائيندا هئا.[4]

## پيتيون روشن ٿي وينديون هيون

۽ تبسم بہ ڪهڙو هو...! روايت ۾ آهي تہ جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1 فتح الباری ، کتاب الادب، باب التبسم و الضحک، جلد:10، صفحہ:619۔
2 جمع الوسائل شرح شمائل المحمدیہ، باب ضحک، جز:2، صفحہ:15۔
3 جامع صغیر، صفحہ:412، حدیث:6635
4 الزہد لابن مبارک، صفحہ:47، حدیث:145۔

مُسڪرائيندا هئا تہ سندن مبارڪ ڏندن مان نور جون لاٽون نڪرنديون هيون، جنهن سان سامهون واريون ڀتيون روشن ٿي وينديون هيون.[1]

سُبْحٰنَ الله!

سوزنِ گم شدہ ملتی ہے تبسّم سے ترے | شام کو صبح بناتا ہے اُجالا تیرا(2)

**وضاحت:** يعني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مسڪراهٽ سان اهڙو نور نڪرندو آهي جو رات جي اونداهيءَ ۾ وڃائجي ويل سئي بہ ملي ويندي آهي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي چهره انور جي چمڪ شام کي بہ صبح ۾ بدلائي ڇڏيندي آهي.

مان عرض ڪري رهيو هئس تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف تبسم فرمائيندا هئا، فقط مُسڪرائيندا هئا، آواز نہ ايندو هو ۽ اسان جي ڇا حالت آهي...؟ اللهُ اکبر! هر وقت ٽهڪ ڏنا ويندا آهن.

## ٽَهڪ شيطان جي طرف کان آهي

ٽهڪ ڏيڻ گناهہ نہ آهي، پر پسنديده بہ نہ آهي. حديث پاڪ ۾ آهي:

اَلْقَهْقَهَةُ مِنَ الشَّيْطَانِ وَالتَّبَسُّمُ مِنَ الله

**ترجمو:** ٽهڪ شيطان جي طرف کان آهي ۽ تبسم الله پاڪ جي طرف کان آهي.[3]

يعني: ٽهڪ ڏيڻ شيطان جو پسنديده عمل آهي ۽ تبسم الله پاڪ کي محبوب آهي.[4]

هاڻي اوهان پاڻ غور فرمايو! هڪ ڪم شيطان جو پسنديده آهي، هڪ

1 كتاب الشفاء ، القسم الاول...الخ، الباب الثانى...الخ، فصل في تفضيل هذه...الخ، جز:1، صفحه:55.

2 ...ذوق نعت، صفحه:25.

3 معجم صغير، صفحه:713، حديث:1057.

4 التنوير شرح جامع صغير، جلد:8، صفحه:113، تحت الحديث:6178 ملتقطاً بتصرف .

ڪم الله پاڪ کي محبوب آهي. اسان ڪهڙو ڪم اختيار ڪنداسين...؟ ظاهر آهي اسان مسلمان آهيون، اسان الله پاڪ جا ٻانها آهيون، اسان پنهنجي ربِ ڪريم جي رضا چاهينداسين. تنهنڪري اسان کي ٺهڪ ڏيڻ کان بچڻ گهرجي. مُسڪرائيندا رهو! مُسڪرائيندا رهو ۽ خوب مُسڪرائيندا رهو.

## مُرڪِي ملڻ صدقو آهي

پياري نبي، سني نبي، سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

وَتَبَسُّمُكَ فِي وَجْهِ اَخِيْكَ صَدَقَةٌ

**ترجمو:** تنهنجو پنهنجي ڀاءُ جي سامهون مُسڪرائڻ صدقو آهي.[1]

هڪ مالي صدقو هوندو آهي. اُها هڪ الڳ نيڪي آهي، پر ٻين به ڪيترين ئي شين کي صدقو قرار ڏنو ويو آهي. انهن مان هڪ مُرڪي ملڻ به آهي. جڏهن اسان ڪنهن مسلمان ڀاءُ سان مُرڪي ملندا آهيون ته الله پاڪ صدقي جو ثواب عطا فرمائيندو آهي.

## الله پاڪ جو پيارو ٻانهو

الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن 2 مسلمان پاڻ ۾ ملن، هڪٻئي سان هٿ ملائن، هڪٻئي کي سلام ڪن، انهن مان جيڪو وڌيڪ خَنده پيشاني (يعني مُرڪندي، کِليل کِليل چهري) سان ملندو، اهو الله پاڪ کي وڌيڪ پيارو آهي.

وڌيڪ فرمايائون: الله پاڪ انهن تي **100** رحمتون نازل فرمائيندو آهي، انهن مان **90 رحمتون** ان لاءِ آهن، جنهن سلام ۾ اڳرائي ڪئي ۽ **10** رحمتون جواب ڏيڻ واري جي لاءِ آهن.[2]

---

1 الادب المفرد، باب من هدى زفافا او طريقا، صفحہ:262، حديث:891

2 موسوعہ ابن ابی الدنيا، كتاب مدارة الناس، باب المدارة بطلاقة...الخ، جلد:7، صفحہ:530، حديث:65۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ به سنت آهي.[1] يعني اڳتي وڌي پهريان اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چوڻ، به سنت طريقو آهي. تنهنڪري ٻيو اسان کي سلام ڪري، ان جو انتظار نه ڪرڻ گهرجي، جيئن ئي موقعو ملي، اڳتي وڌي پهريان سلام ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وڌيڪ نيڪيون ۽ وڌيڪ رحمتون نصيب ٿينديون. وڌيڪ هي ته وڌيڪ خوش دليءَ سان، وڌيڪ کِليل کِليل ۽ مُرڪندڙ چهري سان ملڻ جي عادت بڻايو! الله پاڪ چاهيو ته الله پاڪ جو پيارو بڻجڻ جي سعادت نصيب ٿيندي.

## زياده بَشاشت، زياده پيار

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جا نبي حضرت يحيٰ عليه السَّلام تمام گهڻا خوفِ خدا وارا هئا، پاڻ اڪثر خوفِ خدا سبب ڳوڙها ڳاڙيندا رهندا هئا. هڪ ڀيري حضرت عيسيٰ عليه السَّلام ۽ حضرت يحيٰ عليه السَّلام جي پاڻ ۾ ملاقات ٿي. جيئن ته حضرت يحيٰ عليه السَّلام تي خوفِ خدا جو غلبو هو، تنهنڪري سندن چهري مبارڪ تي خوفِ خدا جا آثار هئا، جڏهن ته ٻئي طرف حضرت عيسيٰ عليه السَّلام ڪين تمام گهڻو مُسڪرائيندي مليا.

فَاَوْحَى اللهُ تَعَالٰى اِلَيْهِمَا اَنَّ اَحَبَّكُمَا اِلَيَّ اَبَشُّكُمَا لِصَاحِبِهِ

**ترجمو:** الله پاڪ انهن ٻنهي ڏانهن وحي فرمائي: بيشڪ توهان ٻنهي مان مون کي وڌيڪ محبوب اُهو آهي، جيڪو وڌيڪ بَشاشت (يعني مُرڪندڙ چهري) سان مليو آهي.[2]

ياد رهي! ته حضرت يحيٰ عليه السَّلام به تمام بلند مرتبي وارا نبي آهن، پر

1 بهار شريعت، جلد:3، صفحه:1100، حصه:19 (ضميمه)۔
2 موسوعه ابن ابی الدنيا، کتاب مداراة الناس، جلد:7، صفحه:530، حديث:64 ملتقطاً

حضرت عيسيٰ عليه السَّلام نبي به آهن ۽ رسول به آهن، سندن رُتبو حضرت يحيٰ عليه السَّلام کان مٿانهون آهي.

## مُسڪرائڻ کي اهميت ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه اسان وٽ ماڻهو مُسڪرائڻ کي گهٽي اهميت نه ٿا ڏين، ڪيترائي ماڻهو مَنَ جاموجي هوندا آهن، ڪنهن ڳالهه تي ڪين مُرڪ اچي وئي ته اچي وئي، نه ته سنجيده ئي رهندا آهن. ڏسو! ڪڏهن ڪڏهن جاڻي واڻي مُسڪرائڻو پوندو آهي. هي معاشرو آهي اسان معاشري ۾ رهون ٿا، پاڻ ۾ مِلُون جُلون ٿا، گڏ اُٿون ويهون ٿا، تنهنڪري اسان کي مُرڪڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن کو لطيفو نه ٻڌايو آهي، کلڻ واري ڪا ڳالهه نه تي آهي ته چا تي پيو...؟ مسلمان ڀاءُ جي زيارت نصيب تي آهي ◈ اِها به مُسڪرائڻ جي ڳالهه آهي ◈ گهر واپس پهچڻ نصيب تي ويو آهي، اِها به مُرڪڻ جي ڳالهه آهي ◈ ٻارن کي ڏسڻ نصيب ٿيو، اِها به مُرڪڻ جي ڳالهه آهي ◈ گهَرَ وارن کي خيريت سان ڏسڻ نصيب ٿيو، اِها به مُرڪڻ جي ڳالهه آهي. ته پوءِ مُسڪرائيندا رهو، اِها سُنت آهي، اسان کي پنهنجو پاڻ تي جبر ڪري اهڙي عادت بڻائڻي پوندي. تنهنڪري مُسڪرائڻ کي اهميت ڏيو! رسولِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

لَاتَحْقِرَنَّ مِنَ الْمَعْرُوفِ شَيْئًا

**ترجمو:** ڪنهن به نيڪي کي گهٽ نه سمجهو...!!

وَلَوْاَنْ تُكَلِّمَ اَخَاكَ وَوَجْهُكَ اِلَيْهِ مُنْبَسِطٌ

**ترجمو:** توڙي توهان جو پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان مُرڪي ڳالهائڻ ئي چو نه هجي.[1]

1 مسند امام احمد، مسند البصريين، حديث جابر بن سليم...الخ، جلد:8، صفحه:320، حديث:21175 ملتقطاً

ڏسو! اسان کي حڪم ڏنو پيو وڃي تہ هي جيڪو مُرڪي ملڻ آهي، مُرڪي ڳالهائڻ آهي، ان کي بہ اسان کي حقير نہ سمجهڻو آهي، ان کي بہ اهميت ڏيڻي آهي.

## مُسڪرائڻ جا ڪجھ اهم موقعا

◈ پلي اسان ننڍڙي ٻار سان ملي رهيا هجون، ان سان بہ مُرڪي ملون! ◈ گهر پهتا آهيون، گهر وارن سان مُرڪي ملون! ◈ ماءُ پيءُ سان مُرڪي ملون! انهن کي تہ پيار واري نظر سان ڏسڻ بہ مقبول حج جو ثواب آهي. ظاهر آهي تہ پيار واري نظر ڪاوڙ سان پريل چهري سان تہ نٿي ٿِي سگهي، جڏهن پيار ايندو تہ چهري تي مُرڪ بہ اچي ئي ويندي ◈ ٻارن جي ماءُ سان مُرڪي ملون! ◈ دوستن سان مُرڪي ملون! ◈ مسلمان ڀائرن سان مُرڪي ملون! ◈ مطلب تہ جتي بہ هجون، چهري تي مُسڪراهٽ سجايل هجي!

## نہ مُسڪرائڻ جا موقعا

◈ ها! جيڪڏهن قبرستان ۾ آهيون تہ اتي مُسڪرائڻ درست نہ آهي ◈ جنازي تي مُرڪڻو نہ هوندو آهي ◈ تعزيت جي وقت چهري تي غم جا آثار هئڻ گهرجن ◈ عيادت جي وقت موقعي جي مناسبت سان چهري جا تاثرات هجن ◈ ڪو غم جي خبر ٻڌائي تہ ان وقت چهري تي غم جي ڪيفيت اَچڻ گهرجي ◈ ڪا سنجيده ڳالھ ٿي رهي هجي تہ ان وقت سنجيده رهڻ گهرجي، مُسڪرائڻ نہ گهرجي. مطلب تہ هي تهذيب ۽ مُروت جا جيڪي دائرا آهن، اهي هر عقلمند سمجهي سگهي ٿو. جتي مُرڪڻ مناسب نہ هجي، اتي نہ مُرڪو! ان کان علاوه ٻين موقعن تي تہ اسان کي مُسڪرائڻ ئي گهرجي.

## گهر ۾ مسڪرائڻ بہ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ماڻهو ٻاهر دوستن سان تہ تمام گهڻو کِلندي کِلندي ، ٺهڪ ڏيندي ڳالهائيندا آهن، پر گهر پهچڻ سان ئي ڄڻ ڪين نانگ سونگهي ويندو آهي، يعني بلڪل سنجيده ٿي ويندا آهن، سندن چهري تي مُرڪ هوندي ئي ناهي. ڪجھ ماڻهن کي لڳندو آهي تہ سنجيدگي رُعب پيدا ڪندي آهي. هڪ تہ ڏسو اسان جو ٻين تي رُعب هئڻ بہ نہ گهرجي، محبت هئڻ گهرجي، پيار هئڻ گهرجي، لڳاءُ هئڻ گهرجي، احترام هئڻ گهرجي. ٻيو هي تہ سنجيدگيءَ جو مُرڪڻ يا نہ مُرڪڻ سان ڪو بہ تعلق نہ آهي. پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُسڪرائيندا هئا، ان ڪان وڌيڪ هن عمل جي سنو هجڻ جي اسان کي ٻي ڪهڙي سَنَد گهرجي...؟ سندن خُلق کي الله پاڪ عظيم چيو آهي:

وَ اِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان يقيناً عظيم اخلاق تي آهيو.

(پارو: 29، سورة قلم: 4)

سُبْحٰنَ الله! اُهي عظيم خُلق وارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُسڪرائيندا رهندا هئا تہ اسان کي بہ مُسڪرائيندو رهڻ گهرجي ۽ گهر ۾ بہ مُسڪرائڻ گهرجي. مسلمانن جي پياري اَمي جان حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰهُ عنها کان پڇيو ويو تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو گهر ۾ رهڻ جو مبارڪ انداز ڪهڙو هو؟ فرمايائون:

كَانَ اَكْرَمُ النَّاسِ خُلُقًا كَانَ ضَاحِكًا بَسَّامًا

**ترجمو:** پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (گهر ۾) نهايت ڪريم اخلاق وارا ۽ تمام

گهڻو مُسڪرائڻ وارا هئا.[1]

## گهَر ۾ امن قائم ٿي ويو

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته گهر ۾ به مُرڪڻ گهرجي. ان سان جهيڙا ختم ٿيندا آهن، گهرن جي بيچيني دور ٿيندي آهي. هڪ واقعو بيان ڪيو ويندو آهي ته هڪ شخص هو، جيڪو گهريلو ناچاقين ڪان تمام گهڻو پريشان هو، روز سندن گهر ۾ جهيڙو ٿيندو هو، ٻارن جي ماءُ سان به هُن جي نه ٺهندي هئي. تمام گهڻو پريشان هو. هڪ ڀيري ڪنهن بزرگ سان سندس ملاقات ٿي. ان کي پنهنجي گهر جا حالات ٻڌايائون. ان بزرگ فرمايو: پٽ! اج جڏهن گهر پهچين ته دروازو کُلڻ سان ئي مُرڪي ڏجانءِ ۽ مُرڪي ڳالهائجانءِ.

ان شخص ان نسخي تي عمل ڪيو. گهر پهتو، دروازو کڙڪايائين، ٻارن جي اَميءَ دروازو کوليو، هي ان کي ڏسندي ئي مُرڪي پيو. سندس ٻارن جي ماءُ جڏهن هِن جي چهري تي مُرڪ ڏٺي ته اها به کِلي پئي. ۽ ٻنهي جا جهيڙا ۽ اختلاف ختم ٿي ويا.

## مُسڪرائڻ جا دُنياوي فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! سُنت ۾ ئي عظمت آهي. مُسڪرائڻ سُنت آهي، ان ۾ عظمت ئي عظمت آهي. مختلف طبي، نفسياتي (*Psychological*) ۽ معاشرتي تحقيقن مطابق مُسڪرائڻ جي برڪت سان ◈ مُثبت جذبن ۾ اضافو ٿيندو آهي ◈ ذهني دباءَ ۾ گهٽتائي ايندي آهي ◈ ناڪاري جذبات گهٽ ٿيندا آهن ◈ ڪوليسترول ليول (*Cholesterol level*)تي مُثبت اثر پوندا آهن ◈ رت جي نالين کي ڦهلجڻ ۾ مدد ملندي آهي ◈ سُورُ برداشت ڪرڻ جي صلاحيت

---

1 سبل الهدى ، جماع ابواب صفاته المعنويه، الباب الثالث والعشرون...الخ، جلد:7، صفحه:121 ـ

وڌندي آهي ◈ ننڊ ۾ بهتري ايندي آهي ◈ بلڊ پريشر تي ممڪن طور تي سٺا اثر پوندا آهن ◈ ڦڦڙن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري ايندي آهي ◈ ۽ ذهني ۽ جسماني دٻاءُ گهٽ ٿيندو آهي ◈ معاشرتي تعلقات مضبوط ٿيندا آهن ◈ اعتماد قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي ◈ باهمي تعاون جا امڪان وڌي ويندا آهن ◈ هم آهنگي پيدا ٿيندي آهي ◈ ماڻهو معاشرتي قبوليت جو اهل بڻجي ويندو آهي ◈ باهمي ڪشش ۽ خوشگواري وڌندي آهي ◈ خانداني محبت ۾ اضافو ٿيندو آهي ◈ ماحول مثبت رهندو آهي ◈ تعلقات مثبت ٿيندا آهن، يعني بدگمانين جو رجحان گهٽ ٿي ويندو آهي ◈ بهترين تربيت جو ماحول بڻجي ويندو آهي ◈ صلهءِ رحمي ۾ مدد ملندي آهي ◈ ازدواجي رشتو اطمينان بخش رهندو آهي ◈ ۽ اختلافن جي شدت گهٽ ٿي ويندي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان ٻڌو ته مُسڪرائڻ جا ڪيترا فائدا آهن. مُرڪي ملڻ تي بخشش جي بشارت به آهي، جسماني (*Physical*)، نفسياتي (*Psychological*) ۽ معاشرتي (*Social*) فائدا به آهن ته پوءِ ڇو نه اسان مُرڪڻ جي عادت بڻايون. ها! سُنت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان مُسڪرايو، الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت سان مسڪرايو، دُنياوي فائدا ضمناً ئي ملي ويندا، اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! سٺي نيت جي برڪت سان ثواب به نصيب ٿيندو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

## مذاق مسخري کان بچو!

پيارا اسلامي ڀائرو! آخر ۾ هڪ ڳالهه عرض ڪريان ته اسان وٽ اڄڪلهه مذاق مسخري جو ماحول تمام گهڻو وڌندو پيو وڃي. سوشل ميڊيا تي به ماڻهو ڪل پوڳ واريون ڳالهيون ڪري، هُلڙ بازيون ڪري، هڪ ٻئي جي مذاق

أڏائي وائرل تي رهيا آهن. اِها سني ڳالهہ نہ آهي. الله پاڪ سيپارو: **26**، سُورة حُجرات جي آيت نمبر **11** ۾ ارشاد فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنُوْا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ يَّكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۚ

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! مرد ٻين مردن تي نہ کلن، ٿي سگهي ٿو تہ اهي انهن کلڻ وارن کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون ٻين عورتن تي کلن، ٿي سگهي ٿو تہ اهي انهن کلڻ وارين کان بهتر هجن.

(پارو: 26، سُورة حُجرات: 11)

آيتِ ڪريمہ جي هن حصي ۾ اِنهيءَ ئي ڳالهہ جي تعليم ڏني وئي آهي تہ ڪو مرد ٻئي مرد جي ۽ ڪا عورت ٻي عورت جي مذاق نہ اُڏائي.

## مذاق اڏائڻ جون سزائون

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاتُمَارِ اَخَاكَ وَلَاتُمَازِحْهُ پنهنجي ڀاءُ سان جهيڙو نہ ڪريو ۽ نہ ئي ان جي مذاق اُڏايو. (1)

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: بيشڪ ماڻهن جي مذاق اُڏائڻ واري جي لاءِ جنت جو دروازو کوليو ويندو، پوءِ ان کي سڏيو ويندو: اچ! ويجهو اچ...! جڏهن هُو جنت جي ويجهو پهچندو تہ دروازو بند ڪيو ويندو، اهڙي طرح ڪيترائي ڀيرا ڪيو ويندو. (2)

هاءِ! اُهي نادان جيڪي ٻين جي عزت جو خيال نہ ڪندا آهن، مذاق اُڏائي ۽ ٻين کي ذليل ڪري کِلندا ۽ خوشيون ملهائيندا آهن، هن روايت کي بار بار

1...ترمذی، کتاب البر والصلۃ، باب ماجاء فی المراۃ، صفحہ:484، حدیث:1995۔
2...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب ذم الغیبۃ والنمیمہ، باب ما نھی عنہ العباد...الخ، جلد:4، صفحہ:413، حدیث:149 خلاصۃً

پڙهن، ان تي غور ڪن، ٿورو سوچيو تہ سهي...! اُهو قيامت جو 50 هزار سالن جو ڏينهن، ٽامي جي تَتَل زمين، باهہ وَسائيندڙ سج، هر طرف نَفسِي نَفسِي جو عالَم، اهڙي حالت ۾ جڏهن ڪنهن کي جنت ڏانهن سڏيو ويندو تہ ان جي دل ۾ ڪيڏي نہ خوشي داخل ٿيندي، هُو پنهنجي قسمت تي رشڪ ڪندو، ڪيڏي نہ اميد سان جنت ڏانهن ڊوڙندو، پر افسوس...! جيئن ئي جنت جي ويجهو پهچندو تہ دروازو بند ڪيو ويندو، ٿورو تصور تہ ڪريو! ان وقت ڪيس ڪيڏي نہ شرمندگي ٿيندي، اميدن جا سيئي ڏيئا يڪدم وِسامي ويندا، خوشيون ملهائڻ واري دل غمگين ٿي ويندي. افسوس! اِها حسرت، اِها ندامت ڪهڙي سبب ٿيندي...؟ ان ڪري تہ هِي بدنصيب دنيا ۾ ٻين جي مذاق اُڏائيندو هو، قيامت جي ڏينهن ان کي هن بُري ڪم جو بدلو ڏنو ويندو.

بھائیوں کا دل دُکھانا چھوڑ دو | اور تمسخر بھی اُڑانا چھوڑ دو(1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

## 12 ديني ڪمن هڪ ديني ڪم: مدني ڪورسز

پيارا اسلامي ڀائرو! سنتِ مصطفيٰ تي عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ ۽ سنتون سکڻ سيکارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ وڌي چڙهي حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! دين ۽ دنيا جون ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **مدني ڪورسز** بہ آهي.

اَلحمدُ لله! ◈ دعوتِ اسلامي علمِ دين جو نُورُ ورهائڻ واري ديني تنظيم

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:713۔

آهي ◈ گهٽ ۾ گهٽ فرض علمِ دين، جهڙوڪ وضوء، غسل، نماز، نمازِ جنازه، روزو، زڪوات وغيره جا ضروري مسئلا ته هر مسلمان سکي ئي وٺي، دعوتِ اسلامي ان جو عزم رکي ٿي ◈ ان مقصد تحت دعوتِ اسلامي ڪيترائي شارٽ ڪورسز ڪرائيندي آهي جهڙوڪ ◈ 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ◈ طهارت ڪورس ◈ باطني طهارت ڪورس ◈ اخلاقِ مصطفيٰ ڪورس ◈ عقيده ختمِ نبوت ڪورس وغيره. ٻيا به ڪيترائي ڪورس آهن.

توهان به اِهي ننڍا ننڍا ڪورس ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون ◈ دين سکندؤ ته الله پاڪ راضي ٿيندو ◈ رزق ۾ برڪت ٿيندي ◈ علمِ دين جو خزانو ملندو ◈ نيڪين ڪرڻ جو ذهن ٺهندو ◈ الله پاڪ جي عبادت صحيح نموني ڪري سگهنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪرم ئي ڪرم ٿيندو ◈ ننڍن ڪورسن جو هي فائدو به هوندو آهي ته ماڻهو غير محسوس انداز ۾ گهڻو ڪجهه سکي وٺندو آهي ◈ ڪم ڪار به نه سِيڙجندو (*Disturb*) آهي ۽ ڪجهه ئي ڏينهن ۾ چڱي ڀلي معلومات ملي ويندي آهي ◈ جيئن نماز آهي، ان جا احڪام ۽ مسئلا ته ايترا آهن جو ڪتاب ڀريا پيا آهن، اسان جهڙا ماڻهو ايڏا وڏا وڏا ڪتاب ڪيئن پڙهن؟ ايترو وقت ڪيئن ڪڍن؟ تنهنڪري آسان طريقو هي آهي ته 7 ڏينهن جو فيضانِ نماز ڪورس ڪري وٺون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن وڏن وڏن ڪتابن جو نچوڙ اسان کي سيکاريو ويندو ◈ وڏيڪ هي ته ديني ماحول به ملندو ◈ نيڪ ماڻهن جي صحبت به نصيب ٿيندي، ان جون پنهنجيون برڪتون آهن.

## بگڙيل پٽ نيڪ بڻجي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ اسان جي علائقي جو هڪ نوجوان، جيڪو پنهنجي والدين جو اڪيلو پٽ هو، غلط صحبت سبب نشي جو عادي بڻجي ويو هو. گهر کان ٻاهر رهڻ سندس معمول هو، جنهن ڪري ان جا والدين تمام گهڻو پريشان هئا. هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ ان نوجوان کي سمجهائيندي کيس 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس ڪرڻ جي ترغيب ڏني. خوش قسمتيءَ سان هن مجي ورتو ۽ تربيتي ڪورس ۾ شريڪ ٿي ويو.

اَلحمدُلله! ڪجھ ڏينهن کان پوءِ ان نوجوان پنهنجي گهر فون ڪري ٻڌايو تہ تربيتي ڪورس ۾ کيس تمام گهڻو لطف اچي رهيو آهي، وڌيڪ هي تہ مون پنهنجن سڀني گناهن کان توبهہ ڪري ورتي آهي، هاڻي مان باجماعت نمازون ادا ڪري رهيو آهيان، سنتون سکي رهيو آهيان ۽ مون کي تمام گهڻو سڪون ملي رهيو آهي. اَلحمدُلله! تربيتي ڪورس کان واپسيءَ تي هو واقعي بدلجي چڪو هو. سندس چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو سجيل هو.

اسلامي ڀاءُ جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ ان نوجوان جي والده روئي روئي دعوتِ اسلامي وارن کي دعائون ڏيندي آهي تہ الله پاڪ انهن کي سلامت رکي، جو انهن جي ڪوشش سان منهنجو بگڙيل پٽ نيڪ بڻجي ويو.

عطائے حبیبِ خدا دِینی ماحول | ہے فیضانِ غوث و رضا دِینی ماحول
اگر سنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ | تم آجاؤ دیگا سکھا دِینی ماحول (1)

## نعت ڪليڪشن (Naat Collection) موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. اَلحمدُلله! عاشقانِ رسول

1 ...وسائلِ بخشش، صفحہ:646 ملتقطًا.

جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون (*Smartphone*) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪري رهي آهي. ان سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمينٽ طرفان **نعت ڪليڪشن** *Naat Collection* جي نالي سان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي. ◈ هن ايپ ۾ اعليٰ حضرت، مولانا حامد رضا خان، مفتيءِ اعظمِ هند، مولانا حسن رضا خان، مولانا جميل احمد رضوي، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمۃُاللہِعلیہم ۽ امير اهلِسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا ڪلام شامل ڪيا ويا آهن ◈ هر مجموعي ۾ ڪلامن کي حروفِ تهجي ۽ رديف جي ترتيب سان ڏسي سگهجي ٿو، جڏهن تہ سرچ بار(*Search Bar*)ذريعي پنهنجو گهربل ڪلام آسانيءَ سان ڳولي سگهجي ٿو ◈ مختلف ڪلامن کي آڊيو/وڊيو ۾ ٻڌي ۽ ڏسي بہ سگهجي ٿو ۽ مفت ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو ◈ پسنديده ڪلام تي نشان لڳائي بار بار ٻڌي سگهجي ٿو ◈ توهان پنهنجي پسنديده ڪلام کي **مائي ڪليڪشن** (*My Collectipon*) فيچر ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا، جڏهن تہ ڪلام يا شعر کي ڪاپي ڪري سوشل ميڊيا تي شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هن ايپ کي پاڻ بہ ڊائون لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈هر هفتي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتۡ بَرَڪَاتهم الۡعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي بہ مدني چينل تي عشاء کان پوءِ تقريبن 8 لڳي 45 منٽن تي اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري

دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيَه يا خليفہ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "پيدل هلڻ جا فائدا" جو اعلان ڪيو ويندو. هيءُ رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا استعمال ڪن ٿا، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب لاءِ هيءُ رسالو ٻين ڏانهن بہ شيئر (Share)ڪريو.

مڪتبة المدينہ سيني ڪان آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت تي مشتمل زبردست سيرت سيريز بڪس (Seerat Series Books) بعنوان: ٻارن جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم (12 Stories Books)شايع ڪيا آهن، جنهن ۾ ٻارن جي دلچسپيءَ لاءِ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مبارڪ کي ڪهاڻين جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن ٻار ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهن. اهي 12 ڪتاب توهان مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 1 هزار روپين ۾ پاڻ بہ حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سيپٽمبر مهيني جي "نيڪ اعمال" جا ڪارڊ پنهنجي علائقي جي نيڪ اعمال شعبي جي ذميدار وٽ جمع ڪرايو، ۽ جن اسلامي ڀائرن "Naik amaal" ايپ ۾ اندراج (انٽري) ڪيو آهي، اهي سمريءَ جي تصوير پنهنجي متعلقه ذميدار ڏانهن موڪلي ڇڏين. ايندڙ مهيني لاءِ نيڪ اعمال جو رسالو 10 روپين جي قيمت ۾ مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪريو، تي سگهي تہ پورا 12 مهينن جا 12 رسالا هڪ ئي ڀيري خريد ڪري وٺو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سنت تي عمل ڪرڻ ۾ عظمت آهي. بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جون ڪجهه فضيلتون ۽ فائدا بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

## سنت تي عمل ڪرڻ جون فضيلتون ۽ فائدا

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صلّى الله عليه واله وسلّم: **(1):** جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1] **(2):**جيڪو شخص منهنجي امت ۾ فساد پکڙجي وڃڻ (يعني سنتن کان بي پرواهي يا سنت تي عمل ڪرڻ وارن جي مذاق اُڏائڻ واري دور ۾ منهنجي سنت تي عمل ڪندو، ان کي **100** شهيدن جو ثواب ملندو.[3]

**سنت تي عمل ڪرڻ جون فضيلتون ۽ فائدا:** ◈ سنت تي عمل جنت ۾ داخلا جو سبب آهي.[4] ◈ سنت تي عمل ڪرڻ وارن کي حديث مبارڪ ۾ هدايت يافته هئڻ جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي.[5] ◈ نيڪ ماڻهن جي سڃاڻپ هيءَ آهي تہ اُهي پنهنجي نبي عليه السّلام جي سنت تي عمل ڪندا آهن.[6] ◈ سنتِ مصطفيٰ تي عمل ڪرڻ وارا خوش نصيب انسان گمراهيءَ کان محفوظ رهندا آهن.[7] ◈ سنتِ مصطفيٰ سان محبت ڪرڻ وارو جنت ۾ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پاڻ صلّى الله عليه واله وسلّم جو پاڙيسري هوندو.[8]

---

1مصابيح السنة،كتاب الايمان، باب االاعتصام بالكتاب والسنة، جلد:1، صفحہ:162، حديث:138۔
2...بہشت کی کنجیاں، ص۵۰۔
3...مشكاة المصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام...الخ،۵۵/۱، حديث:۱۷۶۔
4... مستدرك، كتاب الاطعمة، باب ذكر معيشة النبى ، جلد:5، صفحہ:142، حديث:7155 ماخوذاً۔
5... السنة لابن ابى عاصم، جلد:1، صفحہ:68، حديث:51 خلاصةً۔
6...فيضان رياض الصالحين،۵۵/۳، مکتبۃ المدينہ کراچی۔
7...موطاامام مالک، كتاب القدر، باب النهى بالقول بالقدر،ص۴۷۹،حديث:۱۷۰۸۔
8... مصابيح السنة،كتاب الايمان، باب االاعتصام بالكتاب والسنة، جلد:1، صفحہ:162، حديث:138 ماخوذاً۔ كاة المصابيح،كتاب الايمان،باب

**سنت تي عمل نہ ڪرڻ جا نقصان:** ◈ سنت تي عمل نہ ڪرڻ وارو شفاعتِ مصطفيٰ کان محروم رهندو.[1] ◈ سنتِ مبارڪ کي ڇڏي ڏيڻ گمراهيءَ جو سبب آهي.[2] ◈ سنت کي ڇڏي ڏيڻ واري جي دل مرده ٿي وڃڻ جو خطرو آهي.[3] ◈ سنتِ مبارڪ جي مخالفت ناشڪري آهي.[4] ◈ سنتِ رسول تي عمل نہ ڪرڻ وارو هلاڪت ۾ مبتلا ٿيندو.[5]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهارِ شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو (6)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

---

الاعتصام بالكتاب و السنة،١/٥٥، حديث:١٧٥۔

1...تفسير روح البيان، پ٥، النساء، تحت الآية:٦٥، ٢/٢٣٦۔

2...مسلم، كتاب المساجد و مواضع، باب صلاة الجماعة من سنن الهدى،ص٢٣٨، حديث:٦٥٤۔

3...احياء العلوم، كتاب شرح عجائب القلب، بيان تسلط الشيطان على القلب...الخ،٣/٤٨،ملخصًا۔

4...مصنف عبدالرزاق، كتاب الصلاة، باب الصلاة فى السفر،٢/ ٣٤٣، حديث:٤٢٩٢۔

5...صحيح ابن خزيمہ،كتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، ص٤٨٥، حديث:٢١٠٥ ماخوذًا۔

6...وسائل بخشش، صفحہ:670۔